ماءُ پيءُ تي اولاد جي حقن جو بيان

مَشْعَلَةُ الْاِرْشَادِ فِيْ حُقُوْقِ الْاَوْلَادِ

(والدين تي اولاد جي حقن جي باري ۾ رهنمائيءَ جو فانوس)


تصنيف: اعلىٰ حضرت، امام اهلسنت مجدد دين وملت
مولانا الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن


تسهيل ۽ تخريج نالي

سنڌي ترجمو

# اولاد جا حق

www.dawateislami.net


پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
شعبه ڪتب اعلىٰ حضرت رحمة الله عليه

فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي پاڪستان فون: 4921389-95/4126999 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

مڪتبة المدينه

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

## ڪتب اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ ۽ المدينۃ العلميہ

از : شيخ طريقت امير اهلسنّت، بانيء دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** مدظله العالي

**الحمدلله** على احسانه و **بفضلِ** رسوله صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

منهنجا وليءِ نعمت، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن بي مثال ذهانت و فطانت، ڪمال درجہ فقاهت ۽ قديم ۽ جديد علوم ۾ ڪامل مهارت رکندا هئا. پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ جا اٽڪل هڪ هزار ڪتاب سندن 55 ڪان وڌيڪ علم ۽ فن ۾ علمي شاهڪار هجڻ جو دليل آهن.

www.dawateislami.net

پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ جي جن قلمي ڪاوشن کي بين الاقوامي شهرت حاصل ٿي آهي انهن ۾ "ڪنزالايمان" "حدائقِ بخشش ۽ "فتاويٰ رضويه" (تخريج شده 33 جلد) بہ شامل آهن، فتاويٰ رضويه علوم و فنون جو اهڙو مجموعو آهي جو بيشمار ۽ مستند مسئلن ۽ انمول تحقيقن جو شاهڪار آهي جنهن کي پڙهي ڪري قدردان انسان ازخود اهو چوڻ تي مجبور ٿئي ٿو تہ امامِ اهلسنّت رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ، سيّدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ جي مجتهدانہ بصيرت جا پيڪر آهن. پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہ

جا ڪتاب رهندڙ دنيا تائين مسلمانن جي لاءِ مشعلِ راهہ آهن. هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي کپي تہ سرڪارِ اعليٰ حضرت جي سڀني تصنيفن جو طاقت آهر ضرور مطالعو ڪري.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ **تبليغ** قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" نيڪيءَ جي دعوت، احياءِ سنّت ۽ اشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. انهن سڀني ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ ڪيترن ئي مجلسن جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن ۾ هڪ مجلس "**المدينة العلمية**" بہ آهي جيڪا **دعوتِ اسلامي** جي عالمن ۽ مفتيانِ ڪرام ڪثرهم الله تعاليٰ تي مشتمل آهي، جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اشاعتي ڪم جي ذميداري ڪنئي آهي. ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

**﴿1﴾ شعبہ ڪتبِ اعليٰ حضرت**

**﴿2﴾ شعبہ درسي ڪتب**

**﴿3﴾ شعبہ اصلاحي ڪتب**

**﴿4﴾ شعبہ تراجم ڪتب**

**﴿5﴾ شعبہ تفتيشِ ڪتب**

**﴿6﴾ شعبہ تخريج**

"**المدينة العلميه**" جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعلیٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد

www.dawateislami.net

دين و ملّت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي هن زماني جي گهرجن مطابق وس آهر آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي. سيئي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن جو پاڻ ب مطالعو ڪن ۽ ٻين کي ب انهن جي ترغيب ڏيارين.

الله عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" جي سيني مجلسن سان گڏ "المدينة العلميه" کي ب ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر سني عمل کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو ذريعو بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفردوس ۾ جڳهه نصيب فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم



رمضان المبارڪ 1425ھ

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# پيش لفظ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله رب العزت انسان کي والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم فرمائيندي ارشاد فرمائي ٿو.

وَوَصَّیْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَیْهِ اِحْسٰنًا
(پ۲۶،سورۃ الاحقاف:۱۵)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان انسان کي حڪم ڏنو ته پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪري.

**اعلي حضرت،** امامِ اهلسنّت، مجددِ دين و ملت مولانا الشّاه امام احمد رضا عليه رحمة الرحمٰن قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ تمام سهڻي انداز ۾ والدين (يعني پيءُ ماءُ) جا حق بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا:

"بالجمله (مجموعي طور تي) والدين جو حق اهو نه آهي جو انسان ان کان ڪڏهن آجو ٿي سگهي. اهي هن جي زندگي ۽ وجود جا سبب آهن ته جيڪي ڪجهه ديني يا دنياوي نعمتون حاصل ڪندو سڀ انهن جي صدقي ۾ ٿيون ڇوته هر نعمت ۽ ڪمال وجود تي موقوف آهي (نعمت ان کي ملندي جيڪو موجود هوندو) ۽ وجود جا سبب اهي ٿيا ته رڳو ماءُ پيءُ هجڻ ئي اهڙي عظيم حق جو سبب آهي جنهن کان ڪڏهن به بريُّ الذمه نه ٿو ٿي سگهي، نه ڪ ان (اولاد) سان هنن جي پرورش ۾ انهن جون ڪوششون، هنن جي آرام جي لاءِ انهن جون تڪليفون، خصوصًا پيٽ ۾ رکڻ، پيدا ٿيڻ، کير پيارڻ ۾ ماءُ جون تڪليفون، انهن جو شڪر ڪيتري تائين ادا ٿي سگهي ٿو؟ خلاصو اهو آهي ته هو (ماءُ پيءُ) هنن جي لاءِ الله

www.dawateislami.net

۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم (جي رحمت) جي چانوَ ۽ انهن جي ربُوبيّت (پرورش) ۽ رحمت جا مظهر آهن. تنهنڪري قرآن عظيم ۾ الله جل جلاله پنهنجي حق سان گڏ هنن جو به ذڪر فرمايو ته ﴿اَنِ اشْكُرْ لِیْ وَلِوَالِدَیْكَ﴾

”شڪر ڪر منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو.“ (سيپارو :21، لقمان :14)

حديث شريف ۾ آهي ته هڪ صحابي رضی اللہ تعالٰی عنہ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم هڪ اهڙي رستي تي اهڙن گرم پٿرن تي جو جيڪڏهن گوشت انهن تي رکيو وڃي ها ته ڪباب ٿي وڃي ها، آءُ ڇهن ميلن تائين پنهنجي ماءُ کي ڪلهن تي کڻي ويو آهيان. ڇا هاڻي آءُ ان جي حق کان بريُّ (يعني آزاد) ٿي ويو آهيان؟ رسول الله صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو:” ((لعله ان يكون بطلقة واحدة))

(رواه الطبراني في”الاوسط“عن بريدة رضی اللہ تعالٰی عنہ) **ترجمو** : تنهنجي پيدا ٿيڻ ۾ جيترا سور جا جهٽڪا ان ڪاڏا شايد اهو انهن جهٽڪن مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي.“ (ان کي طبرانيءَ اوسط ۾ بُريده رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت ڪيو.)

(فتاويٰ رضويه ، ج 24 ص 401،402 رضا فاؤنڊيشن لاهور)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً ماءُ پيءُ جا حق تمام وڏا ۽ اهم آهن جو جيڪڏهن والدين جا حق ادا ڪرڻ ۾ انسان سڄي زندگي مصروف عمل رهي تڏهن به انهن جي حقن جي ادائيگي کان **ڪما حقه** (جهڙي طريقي سان حق آهي) آجو نٿو ٿي سگهي ڇوته ماءُ پيءُ جا حق اهڙا نه آهن جو ڪجهه پيرا يا ڪيترائي پيرا ادا ڪرڻ سان انسان بري **الذمه** ٿي وڃي پر جتي شريعت مطهره والدين جي عزّت ۽ عظمت ۽ مقام ۽

www.dawateislami.net

مرتبو بيان ڪندي انهن جي حقن کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ اتي ماءُ پيءُ تي بہ اولاد جا ڪي حق ڳڻايا آهن.

اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت مجددِ دين و ملت الشاه امام احمد رضا خان عليہ رحمة الرحمٰن جتي پنهنجي زبان ۽ قلم جي ذريعي سان باطل قوتن جو ڄمي مقابلو فرمايو، ڪفر ۽ ارتداد (مُرتد ٿيڻ) جو قلعو ڊاهي پَٽ ڪيائون، بدعتن ۽ منڪر (خراب ڳالهين) جو رد فرمايائون. مسلمانن جي دلين کي عشقِ رسول سان گرم ڪيائون اتي وقت بوقت مسلمانن جي اصلاح جي پيش نظر عائلي (گهرو) مُعاملا هجن يا خانداني، حقوق الله (الله عَزَّوَجَلَّ جي حقن) جي ادائيگي هجي يا حقوق العباد (ٻانهن جا حق)، هر هڪ موضوع تي وعظ ۽ تبليغ جي ذريعي رهنمائي فرمائيندا رهيا. زير نظر رسالو "مشعلة الارشاد في حقوق الاولاد" بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جنهن ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ "اولاد جي حقن" جهڙي اهم موضوع تي قلم کنيو ۽ تفصيل سان بيان فرمايو تہ ماءُ پيءُ تي بہ اولاد جا حق آهن. توڙي جو هنن حقن مان اڪثر جي ادائيگي والدين تي واجب ناهي پر جيڪڏهن والدين پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ، انهن کي سٺو مسلمان بڻائڻ، دنيا ۽ آخرت ۾ انهن کي ڪامياب ۽ ڪامران ڏسڻ ۽ پاڻ بہ ڪامياب ٿيڻ چاهين ٿا تہ پوءِ هنن حقن جو خيال رکڻو پوندو سندن هي رسالو بہ علم جو خزانو آهي جنهن ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ اولاد جي تربيت جي باري ۾ لڳ ڀڳ اسي حق مرفوع حديثن جي روشني ۾ فقط ڪجهہ صفحن ۾ بيان فرمائي ، ڄڻ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيائون. اهو

www.dawateislami.net

ٻه سندن قلم جو ڪمال آهي جو ڪيترن ئي صفحن تي پکڙيل بحثن کي ڪجهه ورقن ۾ بيان فرمائي ڇڏيندا آهن.

هن رسالي جي انهن ئي خاصيتن کي سامهون رکندي مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي) انهيءَ ڳالهه جو ارادو فرمايو ته اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مجددِ دين و ملت الشاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي هن بهترين اصلاحي تحرير کي ٻه عام ۽ خاص اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي سو "**شعبہ کتبِ اعليٰ حضرت**" جي مدني اسلامي ڀائرن وڏي محنت سان تسهيل (يعني آسان ڪرڻ) تحشي (يعني حاشيو لکڻ) ۽ تخريج (يعني حوالي) وغيره جو ڪم ڪيو جنهن جو اندازو هيٺ ڏنل ڪم جي تفصيل مان لڳائي سگهجي ٿو:

www.dawateislami.net

(1) آيتن، حديثن ۽ ٻين عبارتن جي حوالن جي طاقت آهر تخريج ڪئي وئي آهي. (يعني حوالا ڏنا ويا آهن)

(2) جڳهه جڳهه عربي لفظن ۽ مشڪل جملن کي آسان بڻايو ويو آهي ته جيئن رسالي ۾ بيان ڪيل مسئلا آسانيءَ سان سمجهي سگهجن.

(3) اهڙي طرح ضرورت موجب حاشيي ۾ شرعي مسئلا بيان ڪيا ويا آهن.

(4) اسلامي ڀائرن جي سهولت کي سامهون رکي فقهي اصطلاحن جون وصفون عربي ڪتابن منجهان عربي متن ترجمي سان ۽ آسان انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ٻه ڪوشش ڪئي وئي آهي.

(5) نئين ڳالهه نئين سِٽ ۾ لکي وئي آهي ته جيئن پڙهڻ

وارن کي آساني سان مسئلا سمجهہ ۾ اچي سگهن.
(6) قرآني آيتن کي چِٽيل ڏنگيَ﴿ ﴾،حديثن جي متن کي ڊبل ڏنگين(( ))، ڪتابن جيِ نالن ۽ ٻين اهم عبارتن کي انورٽيڊ ڪامن ” “ سان واضح ڪيو ويو آهي.
(7) آخر ۾ ماخذ ۽ مراجع (جتان حوالو ورتو ويو آهي) جي لسٽ، مصنفن ۽ مولفن جا نالا، انهن جي وفات جو سال مطابع (جتان ڪتاب ڇپيا آهن) سان ذڪر ڪيا ويا آهن.
هن ڪوشش ۾ اوهان اسلامي ڀائرن کي جيڪي خوبيون ڏسڻ ۾ اچن اهيِ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا، سندس پياري حبيب، نبي ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللّٰه تعالٰی عليه واٰله وسلم جي نظر ڪرم، علماءِ ڪرام رحمهم الله ۽ خاص طور تي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلالَ **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ جي فيض سان آهن ۽ جيڪي خاميون نظر اچن انهن ۾ يقيناً اسان جي ڪوتاهي آهي. پڙهندڙن خاص طور تي علماءِ ڪرام دامت فيوضهم کي گذارش آهي تہ هن ڪوشش جي معيار کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي باري ۾ اسان کي پنهنجن قيمتي راين ۽ تجويزن کان تحريري طورتي آگاهہ فرمائيندا. دعا آهي تہ الله تعاليٰ هن رسالي کي عام ۽ خاص جي لاءِ نفعي وارو بڻائي.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللّٰه تعالٰی عليه واٰله وسلم

**شعبہ ڪتب اعلیٰ حضرت**

**مجلس المدينة العلمية**

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مشعلة الارشاد فی حقوق الاولاد

(والدين تي اولاد جي حقن جي باري ۾ رهنمائيءَ جو فانوس)

**مسئلو** : طرفان : سورون، ضلعو ايٽہ محلو ملک زادگان مرسلہ (سوال موڪلڻ وارو) مرزا حامد حسن صاحب 7 جمادي الاوليٰ 1310 هہ

ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين هنن مسئلن جي باري ۾ تہ پيءُ تي پٽ جو ڪيتري قدر حق آهي؟ جيڪڏهن آهي ۽ هو ادا نہ ڪري تہ ان جي لاءِ شرعي حڪم ڇا آهي؟ مفصل طور تي اِرقام (يعني تفصيل سان بيان) فرمايو.

بينوا توجروا (بيان فرمايو اجر ماڻيو)

www.dawateislami.net

## الجواب

الله عَزَّوَجَلَّ جيتوڻيڪ والد جو حق وَلَد[1] تي نهايت عظيم بڻايو (يعني پيءُ جو حق پٽ تي تمام عظيم بڻايو) ايتري تائين جو پنهنجي حق جي برابر ان جو ذڪر فرمايائين تہ

﴿اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: "شڪر ڪر منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو."

پر ولد جو حق بہ والد تي عظيم رکيو آهي تہ ولد مطلق

[1] جيئن تہ سوال مان ظاهر آهي تہ سائل (سوال ڪرڻ واري) پيءُ تي پٽ جي باري ۾ حق پُڇيا جنهن جي جواب ۾ حق بيان ڪندي پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه "وَلَد" جو لفظ ارشاد فرمايو جيڪو پٽ ۽ ڌيءُ ٻنهي لاءِ برابر آهي، والولد اسم يجمع الواحد والكثير والذكر والانثيٰ كما في "لسان العرب" المجلد الثاني ص 4353 ، ڇوتہ پُٽ ۽ ڌيءُ جا حق ڪجهہ ڪان سواءِ تقريبًا ساڳيا ئي آهن جن جو مڪمل تفصيل پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه بيان فرمايائون)

اسلام پوءِ ويجهڙائيءَ جي خصوصيت. پوءِ رشتي جي خصوصيت پوءِ عيال جي خصوصيت. اهي سڀني حقن جو جامع ٿي ڪري سڀ کان وڌيڪ خصوصي اهميت رکي ٿو[1] ۽ جيتريقدر خصوصيت وڌندي ويندي آهي حق اشد ۽ آڪد (حق ايتريقدر مستحڪم ۽ مضبوط تر) ٿيندو ويندو آهي. علماءِ ڪرام پنهنجي ڪتب جليله (شان وارن ڪتابن) مثال طور "احياءُ العلوم" ۽ "عين العلوم" ۽ "مدخل" ۽ "ڪيمياءِ سعادت" ۽ ذخيرة الملوڪ"وغيرها ۾ حقوقِ ولد جي باري ۾ نهايت مختصر طور تي ڪجهه تَعَرُّض فرمايو (يعني مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ علماءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ اولاد جي حقن تي تمام گهٽ ڪلام فرمايو) پر آءُ رُڳو حضور پُرنور، سيّدِ دو عالم صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي مرفوع[2] حديثن ڏانهن توجهه ڪيان ٿو.

www.dawateislami.net

فضل الاهي جل و علا کان اميد آهي ته فقير جي هي ڪجهه اکرن وارِي تحرير اهڙي نافع ۽ جامع واقع ٿيندي (اهڙي ڪامل ۽ فائديمند ثابت ٿيندي) جو هن جو مثال ڪتبِ مُطَوَّلَه (وڏن وڏن ڪتابن) ۾ نه ملندو. هن باري ۾ جيتريقدر حديثون بحمده تعاليٰ هن وقت منهنجي حافظي ۽ نظر ۾ آهن انهن ڪي بالتفصيل مع تخريجات (تفصيل ۽ حوالن سان) لکان ته هڪ رسالو ٿي سگهي ٿو ۽ مقصد فقط افادهءِ احڪام (شرعي حڪمن کان آگاهه ڪرڻ) آهي تنهنڪري سرِ دست (هن وقت) فقط

---

[1] ته پٽ ۽ ڌيءُ عام طور تي مسلمان هجڻ ، پوءِ خاص پاڙيسري هجڻ ، پوءِ ويجهو مائٽ هجڻ ۽ خصوصيت سان ان جي ڪٽنب ۾ هجڻ جي ڪري پيءُ جي سڀ کان وڌيڪ خصوصي توجهه جا حقدار آهن.

[2] مرفوع حديث : هو ما ينتهي الي النبي صلى الله تعالى عليه واله وسلم و صحبه وسلم غاية الاسناد يعني:"اها حديث جنهن جي سند نبي ڪريم صلى الله تعالى عليه واله وسلم تائين پهچي تنهن کي حديث مرفوع چئبو آهي. ("نزهة النظر" ص 104)

اهي حق جيڪي هي حديثون ارشاد فرمائي رهيون آهن ڪمالِ تلخيص ۽ اختصار (مختصر طور تي حديثن جو مڪمل خلاصو) پيش ڪيان ٿو. وبا الله التوفيق

﴿1﴾ سڀ کان پهريون حق اولاد جي وجود (يعني پيدائش) کان به پهريان اهو آهي ته ماڻهو پنهنجو نڪاح ڪنهن رذيل (گهٽ) قوم منجهان نه ڪري ڇوته بُري رڳ (بُري نسل) ضرور رنگ ڏيکاريندي آهي.

﴿2﴾ ديندار ماڻهن ۾ شادي ڪري ڇوته ٻار تي ناني ۽ مامن جي عادتن ۾ ڪمن جو به اثر پوندو آهي.

﴿3﴾ زنگين حبشين (يعني ڪاري رنگ وارن ماڻهن) ۾ مٽي مائٽي نه ڪري ته جيئن ماءُ جو ڪارو رنگ ٻار کي بد صورت نه ڪري ڇڏي.

www.dawateislami.net

﴿4﴾ همبستري جي شروعات ۾ بسم الله سان ڪري نه ته ٻار ۾ شيطان شريڪ ٿي ويندو آهي.[1]

[1] حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته نبي ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي گهرواريءَ سان ويجهڙائي جو ارادو ڪري ته هي دعا پڙهي بسم الله الرحمٰن الرحيم اللهم جنبنا الشيطٰن وجنب الشيطان ما رزقتنا يعني:"الله عزّوجلّ جي نالي سان، اي الله عزّوجلّ! اسان کي شيطان کان محفوظ رک ۽ جيڪو (اولاد) تون اسان کي ڏين ان کي شيطان کان محفوظ رک." ته جيڪڏهن انهيءَ صحبت ۾ انهن جي نصيب ۾ ٻار هوندو ته شيطان ان کي ڪڏهن به نقصان نه پهچائي سگهندو. (صحيح بخاري ڪتاب الدعوات باب مايقول اذا اتیٰ اهلہ ص 214 حديث 6388) هن حديث شريف جي تشريح ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ارشاد فرمائن ٿا: "هي دعا اوگهڙ ظاهر ڪرڻ کان پهريان پڙهي پوءِ فرمائن ٿا "ان صحبت ۾ نه شيطان شريڪ ٿيندو ۽ نه ئي ٻار کي شيطان ڪڏهن پٽڪائيندو، بسم الله مان مراد پوري بسم الله الرحمٰن الرحيم آهي، خيال رهي ته جيئن شيطان کائڻ پيئڻ ۾ اسان سان گڏ شريڪ ٿي ويندو آهي ائين ئي صحبت ۾ به ۽ جهڙي طريقي سان شيطان جي شرڪت سان کائڻ پيئڻ جي برڪت ختم ٿي ويندي آهي اهڙي =

﴿5﴾ ان وقت شرمگاھہِ زن (يعني عورت جي مخصوص جاءِ) کي نہ ڏسي ڇوتہ ان سان ٻار جي انڌي ٿيڻ جو انديشو آھي.
﴿6﴾ گھڻيون ڳالھيون نہ ڪري ڇوتہ (ٻار جي) گونگي يا ٻاتي ٿيڻ جو خطرو آھي.
﴿7﴾ مرد ۽ عورت ڪپڙو ويڙھين، جانورن وانگر اگھاڙا نہ ٿين ڇوتہ ان سان ٻار جي بي حيا ٿيڻ جو انديشو آھي.
﴿8﴾ جڏھن ٻار پيدا ٿئي تہ فوري طور تي سڄي ڪن ۾ اذان ۽ کٻي ڪن ۾ تڪبير چوي[1] تہ خللِ شيطان (شيطاني وسوسي) ۽ امِ الصبيان[2] کان محفوظ رھندو.
﴿9﴾ ڪارڪ وَغيره کاٻہ مٺي شيءِ چٻاڙي ان جي وات ۾ وجھي ڇوتہ مٺاڻ اخلاق جي لاءِ سٺو سوَڻ آھي.
﴿10﴾ ستين ڏينھن ۽ نہ ٿي سگھي تہ چوڏھين ڏينھن، نہ تہ ايڪيھين ڏينھن عقيقو ڪري دختر (ڌيءُ) جي لاءِ ھڪ، پسر (پُٽ) جي لاءِ ٻہ. ڇوتہ ان ۾ ٻار کي جڻ رھن(گروي) کان ڇڏائڻ

www.dawateislami.net

= طريقي سان صحبت ۾ شيطان جي شرڪت سان اولاد نالائق ۽ جنن جي بيمارين ۾ گرفتار رھندو آھي ۽ جيئن بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙھڻ سان شيطان ڪاٺ پيئڻ ۾ اسان سان گڏ شريڪ نہ ٿو ٿي سگھي ائين ئي بسم الله الرحمٰن الرحيم جي برڪت سان ٻار نيڪ ٿيندو آھي ۽ جن ڀوت وغيره کان بہ بفضله تعاليٰ (يعني الله تعاليٰ جي فضل سان) محفوظ رھندو آھي، بھتر اھو آھي تہ زال ۽ مڙس ٻئي پڙھن.
(مرآة المناجيح ج 4 ص 30 کان 31)

[1] بھتر اھو اھي تہ سڄي ڪن ۾ چار ڀيرا اذان ۽ کٻي ۾ ٽي ڀيرا اقامت (يعني تڪبير) چئي وڃي.
[2] امِ الصبيان : ھڪڙي قسم جي مرگھي آھي جيڪا اڪثر ٻارن کي ڪنگھاري جي گھٽائي ۽ معدي جي خرابيءَ سان پيدا ٿيندي آھي جنھن سان ٻار جا ھٿ پير ٽيڏا ٿي ويندا آھن ۽ وات مان گِگَ نڪرڻ لڳندي آھي. (فرھنگ آصفيہ ج 1 ص 221)

آهي.[1]

﴿11﴾ هڪ ران دائيءَ کي ڏئي اهو ٻار جي طرفان شڪرانو آهي.

﴿12﴾ مٿي جا وار لهرائي.

﴿13﴾ وارن جي برابر چاندي توري خيرات ڪري.

﴿14﴾ مٿي تي زعفران ملي.

﴿15﴾ نالو رکي ايتري تائين جو ڪچي ٻار جو به جيڪو ڪجهه ڏينهن جو ڪِري پوي نه ته الله عَزَّوَجَلَّ وٽ شاڪِي ٿيندو (يعني شڪايت ڪندو)

﴿16﴾ بُرو نالو نه رکي ڇوته بُرو سَوَڻ بُرو آهي.

﴿17﴾ عبدالله، عبدالرحمٰن، احمد، حامد وغيرها عبادت ۽ حمد وارا نالا[2] يا انبياء، اولياء يا پنهنجي وڏن مان

www.dawateislami.net

[1] صدر الشريعه، بدر الطريقه مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُاللهِتعالٰیعَلَيۡه "بهارِ شريعت" ۾ فرمائن ٿا "گروي ٿيڻ جو مطلب اهو آهي ته جيستائين ان جو عقيقو نه ٿو ڪيو وڃي ان (ٻار) ڪان پورو نفعو حاصل نه ٿيندو ۽ ڪِن چيو: "ٻار جي سلامتي ۽ ان جي واڌ ويجهه ۽ ان ۾ سٺيون خوبيون هجڻ عقيقي سان لاڳاپيل آهن." وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: "ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻه ٻَڪر يا ٻه ڇيلا ۽ ڇوڪريءَ جي عقيقي ۾ هڪ ٻڪري ڪُني وڃي. يعني ڇوڪري ۾ نر جانور ۽ ڇوڪريءَ ۾ مادي مناسب آهي ۽ جيڪڏهن ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻڪريون ۽ ڇوڪريءَ ۾ ٻڪر ڪيائين تڏهن به ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن عقيقي ۾ ڳئون ذبح ڪيائين ته ڇوڪري جي لاءِ ٻه حصا ۽ ڇوڪريءَ جي لاءِ هڪ حصو ڪافي آهي يعني ست حصن مان ٻه حصا يا هڪ ان ۾ وڌيڪ اهو آهي ته ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻن ٻڪرين جي جاءِ تي هڪ ئي ٻڪري ڪنهن ڪئي ته به جائز آهي. (بهارِ شريعت حصو 15 ج 3 ص 158)

**نوٽ**: وڌيڪ تفصيل جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي رسالي "**عقيقي جي باري ۾ سوال جواب**" جو مطالعو ڪندا.

[2] يعني جن نالن ۾ ٻانهي جي نسبت اسمِ جلالت يعني الله عَزَّوَجَلَّ يا ان جي صفاتي نالن ڏانهن هجي يا جنهن نالي ۾ حمد (تعريف) جي معنيٰ هجي. ==

جيڪي نيڪ ماڻهو گذريا هجن انهن جي نالن تي نالو رکي تہ موجبِ بَرَڪت (يعني بَرَڪت جو سبب) آهي، خاص طور تي مبارڪ نالو محمد . ڇوتہ هن مبارڪ نالي جي بَرَڪت ٻار کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪم ايندي آهي.

﴿18﴾ جڏهن محمد نالو رکي تہ ان جي تعظيم ۽ تڪريم ڪري.

﴿19﴾ مجلس ۾ ان جي لاءِ جاءِ ڇڏي .

﴿20﴾ مارڻ ۽ بُرو چوڻ ۾ احتياط ڪري .

## محمد نالي جون برڪتون

1....حضرتِ سيّدُنا ابو امامہ رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمايو. ((من ولد له مولود ذكر، فسماه محمدًا حبًالي وتبركًا باسمي، كان هوومولوده في الجنة)).

ترجمو: جنهن کي پٽ پيدا ٿيو، ۽ اهو منهنجي محبت ۽ منهنجي پاڪ نالي کان بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو محمد رکي تہ اهو ۽ ان جو پٽ ٻئي جنّت ۾ ويندا. (كنزالعمال، كتاب النكاح ج 8 الجز 16 ص 175 الحديث 45215)

2 .... حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪان روايت آهي رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ارشاد فرمائن ٿا "قيامت جي ڏينهن ٻہ شخص الله رب العزت جي حضور بيهاريا ويندا حڪم ٿيندو هنن کي جنّت ۾ وٺي وڃو اهي عرض ڪندا الاهي! اسان ڪهڙي عمل جي ڪري جنّت ۾ وڃڻ جا قابل ٿياسين اسان تہ ڪو ڪم جنّت جو نہ ڪيو الله عزوجل فرمائيندو "جنّت ۾ وڃو مون قسم ارشاد فرمايو آهي تہ جنهنجو نالو احمد يا محمد هوندو اهو دوزخ ۾ نہ ويندو." ("مسند الفردوس" للديلمي، ج2 ص 503، الحديث 8515)

3 .... حضرتِ سيّدُنا علي رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪان روايت آهي فرمائن ٿا تہ سرڪار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ((مامن مائدةوضعت فحضر عليها من اسمه احمد او محمد الا قدس ذالک المنزل كل يوم مرتين)).

يعني: جنهن دسترخوان تي ڪو احمد يا محمد نالي جو هوندو تہ ان جاءِ تي روزانو ٻہ ڀيرا برڪت نازل ڪئي ويندي." ("مسند الفردوس" للديلمي، ج 2 ص 323، الحديث 6525)

نوٽ : محمد نالو رکڻ جون وڌيڪ فضيلتون ۽ برڪتون "فتاويٰ رضويه" جلد 24 ص 686 ۽ "بهارِ شريعت" ج 3 حصو 16 ،ص 210 ۽ 211 تي ملاحظہ فرمايو.

www.dawateislami.net

﴿21﴾جيڪا شيءِ گهري بروجه مناسب(سٺي طريقي سان) ڏئي.

﴿22﴾ پيار ۾ ننڍو لقب يا بي قدرو نالو نه رکي ڇوته پئجي ويل نالو تمام ڏکيو لهندو آهي.

﴿23﴾ ماءُ يا نيڪ نمازڻ، صالحه، شريف قوم واري دائيءَ کان ٻن سالن تائين کير پيئاري.

﴿24﴾ رذيل يا بدافعال (يعني بُرا ڪم ڪرڻ واري) عورت جي کير کان بچائي ڇوته کير طبيعت کي مَٽائي ڇڏيندو آهي.

﴿25﴾ ٻار جو نفقو (يعني کائڻ پيئڻ ۽ ڪپڙن وغيره جا خرچ) ۽ ان جي ضرورت جا سڀ سامان مهيا ڪرڻ واجب آهن جنهن ۾ حفاظت به شامل آهي.

﴿26﴾ پنهنجي ضرورت ۽ اداءِ واجباتِ شريعت[1] مان جيڪو بچي ان ۾ عزيزن، قريبن، محتاجن ۽ غريبن مان سڀ کان پهريون حق عيال ۽ اطفال (يعني گهروارن) جو آهي. جيڪو ان کان بچي پوي اهو ٻين کي ڏئي.

﴿27﴾ ٻار کي پاڪ ڪمائيءَ مان پاڪ روزي ڏئي ڇوته ناپاڪ مال ناپاڪ عادتون پيدا ڪندو آهي.

﴿28﴾ اولاد سان تنها خوري نه ڪري (يعني اولاد کي ڇڏي اڪيلو نه کائي) بلڪ پنهنجي خواهش کي انهن جي خواهش جي تابع رکي، جنهن سٺي شيءِ لاءِ انهن جي دل چوي انهن کي ڏئي انهن جي صدقي پاڻ به کائي، گهٽي نه هجي ته انهن کي ئي ڪارائي.

﴿29﴾ خدا جي هنن امانتن سان مِهر ۽ لطف (شفقت ۽ محبت)

---

[1] يعني شريعت مطهره جي مقرر ڪيل واجبن جي ادائگي، مثال طور: زڪوٰة، صدقهءِ فطر ۽ قرباني وغيره .

www.dawateislami.net

جو سلوڪ ڪري، انهن سان پيار ڪري، سيني سان لڳائي، ڪلهي تي چاڙهي.

﴿30﴾ انهن سان ڪلڻ، ڪيڏڻ، وندرائڻ جون ڳالهيون ڪري انهن جي ، دلداري جي رعايت ۽ محافظت مطلب ته هر وقت ايتري تائين جو نماز ۽ خطبه ۾ به انهن ڳالهين ڪي سامهون رکي.

﴿31﴾ نئون ميوو، اڳ ۾ انهن کي ڏئي ڇوته اهي به تازا ميوا آهن، نئين کي نئون مناسب آهي.

﴿32﴾ ڪڏهن ڪڏهن حسبِ مقدور (يعني طاقت آهر) انهن کي مٺائي وغيره کائڻ، پيئڻ، ڪيڏڻ جي سٺي شيءِ جيڪا شرعي طور جائز هجي، ڏيندو رهي.

﴿33﴾ پرچائڻ جي لاءِ ڪوڙو وعدو نه ڪري بلڪ ٻار سان به واعدو اهو جائز آهي جنهن کي پورو ڪرڻ جو قصد (ارادو) رکندو هجي.

﴿34﴾ پنهنجا هڪ کان وڌيڪ ٻار هجن ته جيڪا شيءِ ڏئي سيني کي هڪجهڙي ۽ برابر ڏئي. هڪ کي ٻئي تي بنا ڪنهن ديني فضيلت جي ترجيح نه ڏئي.[1]

---

[1] ”فتاويٰ قاضي خان“ ۾ آهي حضرتِ سيّدُنا امام ابو حنيفه رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي:”انه لاباس به اذا كان التفضيل لزيادة فضل في الدين فان كانا سواء يكره.“ يعني:” اولاد مان ڪنهن کي وڌيڪ ڏيڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن ته ان کي ٻي اولاد تي ترجيح ۽ فضيلت ڏيڻ ديني فضيلت ۽ شرف جي ڪري هجي، پر جيڪڏهن سڀ برابر هجن ته پوءِ ترجيح ڏيڻ مڪروهه آهي.“ (”الخانية“، كتاب الهبة، ج 2 ص 290)
”فتاويٰ عالمگيري“ ۾ آهي:”لوكان الولد مشغلا بالعلم لا بالكسب فلا باس بان يفضله عليٰ غيره كذا في ”الملتقط“. “ ”جيڪڏهن پٽ علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هجي نه ڪي دنياوي ڪمائيءَ ۾ ته اهڙي پٽ کي ٻي اولاد تي ترجيح ڏيڻ ۾ ڪو حرج ناهي.“ (”الخانية“، كتاب الهبة، ج 2 ص 391)

www.dawateislami.net

﴿35﴾ سفر کان اچي تہ انهن جي لاءِ ڪو تحفو ضرور آڻي.
﴿36﴾ بيمار ٿي پون تہ انهن جو علاج ڪرائي.
﴿37﴾ حتي الامکان (جيترو ٿي سگهي) سخت ۽ مُوذي (يعني تکليف ڏيڻ واري) علاج کان بچائي.
﴿38﴾ زبان کُلندي ئي الله...الله پوءِ سڄو ڪلمو لاالٰہ الا الله پرپور (طريقي سان) سيکاري.
﴿39﴾ جڏهن ٻار کي سمجهہ پوي تہ (ان کي) ادب سيکاري. کائڻ، پيئڻ، کلڻ، ڳالهائڻ، اٿڻ ويهڻ، هلڻ، گهمڻ ڦرڻ، حياء، لحاظ، وڏن جي عزّت، ماءُ پيءُ، استاد ۽ ڏيءُ کي مڙس جي بہ فرمانبرداري جا طُرُق ۽ آداب (يعني طور طريقا) ٻُڌائي.
﴿40﴾ قرآن مجيد پڙهائي.
﴿41﴾ (پٽ کي) نيڪ، صالح، متقي، صحيح العقيده ۽ سِن رسيده (يعني وڏي عمر واري) استاد جي حوالي ڪري ۽ ڏيءُ کي نيڪ ۽ پاڪدامن عورت کان پڙهائي.
﴿42﴾ قرآن مجيد ختم ٿيڻ کانپوءِ هميشہ تلاوت جي تاڪيد ڪندو رهي.
﴿43﴾ اسلامي عقيدا ۽ سنّتون سيکاري ڇوتہ سادي تختي فطرت اسلامي ۽ قبولِ حق تي مخلوق آهي (يعني ٻار فطري طور تي دينِ اسلام ۽ حقَ واري ڳالهہ کي قبول ڪرڻ جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي) ان وقت جو ٻُڌائڻ پٿر تي لِيڪ هوندي آهي.
﴿44﴾ حضور ڪريم صلى الله تعالیٰ عليه واٰلہٖ وسلم جي محبت ۽ تعظيم انهن جي دلين ۾ وجهي ڇوتہ (اها) ايمان جو بنياد بلڪ اصل ايمان آهي.
﴿45﴾ حضور پُرنُور صلى الله تعالیٰ عليه واٰلہٖ وسلم جي آل ۽ صحابہءِ ڪرام ،

www.dawateislami.net

اولياءِ ڪرام ۽ عالمن جي محبت ۽ عظمت سيکاري ڇوته سنّت جو بنياد ۽ ايمان جو زيور بلڪ ايمان جي بقا جو ذريعو آهي.

﴿46﴾ ستن سالن جي عمر کان نماز جي زباني تاڪيد شروع ڪريو.

﴿47﴾ علم دين خاص طور تي وضو، غسل، نماز ۽ روزن جا مسئلا، تَوَڪُّل [1]، قناعت [2]، زُهد [3]، اِخلاص [4]، عاجزي [5]، وَديعت ۽ امانت [6]، ..........................

[1] توڪل جي تعريف : "الثقة بالله والايقان بان قضاءه ماض، واتباع نبيه صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم في السعي فيما لا بدله منه من الاسباب." يعني:"ضروري اسباب جي اختيار ڪرڻ ۾ نبي ڪريم صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي اتباع ڪندي الله عزوجل تي ڀروسو رکڻ ۽ هن ڳالهه جو يقين رکڻ ته جيڪو مقدر ۾ آهي اهو تي رهندو."
("القاموس الفقهية"،ج 14 ، 185)

[2] قناعت جي تعريف : "هي السکون عند عدم المالوفات."
يعني:"روزمره استعمال ٿيڻ وارين شين جي نه هجڻ تي به راضي رهڻ "قناعت" آهي."
("التعريفات"للحرجاني، ص 126)

[3] زهد جي تعريف : "هو عبارة عن انصراف الرغبة عن الشيء الي ماهو خير منه."
يعني:"ڪنهن شيءِ کي ڇڏي اهڙي اخروي شيءِ ڏانهن رغبت ڪرڻ جيڪا ان کان بهتر هجي."
("احياءُ العلوم"کتاب الفقر والزهد، ج 4 ، ص 267)

[4] اخلاص جي معنيٰ : "الاخلاص ان يقصد بالعمل وجهه ورضاه فقط دون غرض آخر". هي آهي ته ٻانهو نيڪ اعمال صرف ۽ صرف الله عزوجل جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ ڪري.
("مرقاة المفاتيح"،کتاب العلم ، ج 1 ص 486)

[5] عاجزي جي تعريف : "الضعة خاطر في وضع النفس واحتقارها والتواضع اتباعه".
يعني:"پنهنجو پاڻ کي حقير ۽ گهٽ سمجهڻ کي "عاجزي" چئبو آهي."

[6] وديعت ۽ امانت جي تعريف : "هي امانة ترکت عند الغير للحفظ قصدًا، واحترز بالقيد الاخير من الامانة و هي ماوقع في يد الغير من غير قصد". يعني ڪابه شيءِ قصدًا (ارادي سان) ڪنهن ٻئي شخص جي حفاظت ۾ ڏيڻ جو نالو "وديعت" آهي. جڏهن ته ڪاشيءِ ائين ئي ڪنهن جي حفاظت ۾ اچي وڃي جيتوڻيڪ ان ۾ قصد ۽ ارادو هجي يا نه هجي ان کي "امانت" چئبو آهي.
("التتعريفات"، ص 175) =

www.dawateislami.net

صدق ¹ (يعني سچائي)، عدل ² ، حياءُ ³ ، سلامتِ صدور ولسان وغيرها (دل، زبان ۽ ٻين عضون جي سلامتي جي) خوبين جون فضيلتون (پڙهائڻ ۽ پڙهڻ) ، حرص و طمع ⁴ ، حبِ دنيا، حبِ جاه ⁵ ، ريا ⁶ ، ..............................................................

= **نوٽ** : امانت ۽ وديعت ۾ عُمُوم خُصُوص مطلق جي نسبت آهي تہ هر وديعت امانت آهي پر هر امانت وديعت نہ آهي. كما في"الدرالمختار"، ج 8 ، ص 526 : والوديعة هي اخص من الامانة.

¹ **صدق جي تعريف** : "الصدق في اللغة : مطابقة الحكم للواقع." **يعني لغت ۾ قائل (چوڻ واري) جي ڳالهہ جو حقيقت جي مطابق هجڻ کي صدق (سچائي) چيو ويندو آهي.**
**("التعريفات"للجرجاني، ص 95)**

² **عدل جي تعريف** : "العدل عبارة عن الامر المتوسط بين الافراط والتفريط ، وقيل: العدل مصدر بمعني العدالة، وهو الاعتدال والاستقامت، وهوالميل الي الحق."
**يعني :" افراط ۽ تفريط كان بچندي وچون رستو اختيار کرڻ کي "عدل" چئبو آهي ۽ اهو بہ چيو ويو آهي تہ عدل مصدر آهي جنهن جي معنيٰ آهي "عدالت" سو عدل درحقيقت اعتدال ۽ استقامت آهي يعني حق ڏانهن مائل ٿيڻ کي"عدل" چئبو آهي.**
**("التعريفات" للجرباني، ص 106)**

³ **حيا جي تعريف:**"الحياءتغير وانكساري يعتري الانسان من خوف ما يعاب به اويذم."
**يعني:"كنهن كم جي مرتكب ٿي وڃڻ وقت مذمت ۽ ملامت جي خوف وچان انسان جي حالت جي تبديل ٿيڻ کي"حيا" چئبو آهي."**
**("عمدة القاري"، كتاب الايمان ، باب امور الايمان، ج 1 ص 198)**
"الحياءخلق يبعث علي ترک القبيح ويمنع من التقصير في حق ذي الحق."
**يعني:"حيا اها صفت آهي جيكا بُرا كم ڇڏڻ تي اياريندي آهي ۽ حقدار جي حق ۾ كوتاهي كان روكيندي آهي." ("شرح صحيح مسلم"للامام نووي، ج 1، ص 47)**

⁴ **حرص جي تعريف** : "الحرص فرط الشره في الارادة وفي"القاموس": اسوء الحرص ان تاخذ نصيبک وتطمع في نصيب غيرک."
**يعني:"خواهش جي واڌ جي ارادي جو نالو "حرص، آهي ۽ قاموس المحيط" ۾ آهي بري حرص اها آهي جو پنهنجو حصو حاصل کرڻ جي باوجود ٻئي جي حصي جي لالچ ركي." (مرقاة المفاتيح"،كتاب الرقاق، باب الامل والحرص ، ج 9 ص 119)**

⁵ **حب جاه** : "اصل الجاه هو انتشار الصيت والاشتهار."
**يعني:"ماڻهن ۾ شهرت ۽ ناميارى چاهڻ "حب جاهہ" آهي."**
**("احياءُ العَلوم"، كتاب ذم الجاه والرياء ، ج 3 ص 339)**

⁶ **ريا جي تعريف** : "الرياء ترک الاخلاص في العمل بملاحظة غير الله فيه." =

عُجُب ١، تكبُّر ٢، خيانت ٣، كِذب (يعني ڪوڙ) ٤، ظلم ٥، فحش ٦، ..............................

= يعني:"اخلاص کي ڇڏي ڏيڻ جو نالو "ريا" آهي سو الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو لحاظ رکندي ڪو عمل ڪرڻ ريا آهي." ("التعريفات" للجرجاني، ص 82)

١ عُجب جي تعريف : "العجب هو استعظام النعمة، والركون اليها، مع نسيان اضافتها الي المنعم."

يعني:"منعم حقيقي (حقيقي نعمتون ڏيڻ واري الله) جل وعلا کي وساري ڪنهن ديني يا دنياوي نعمت کي پنهنجو ئي ڪمال تصور ڪرڻ ۽ ان جي ختم ٿيڻ کان بي خوف ٿي وڃڻ "عُجُب (خود پسندي) آهي. ("احياءُ العلوم"، كتاب ذم الكبر والعجب، ج 3 ص 454)

٢ تكبُّر جي تعريف: "الكبر ان يري الانسان نفسه اكبر من غيره".

يعني:"تكبر جي معني هي آهي ته انسان پاڻ کي ٻين کان وڏيڪ وڏو خيال ڪري. (("مفردات امام راغب"، ص 697))

حديث شريف ۾ آهي حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنه روايت ڪن ٿا ته نبي ڪريم صلی الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جن ارشاد فرمايو:"جنهن شخص جي دل ۾ ذري برابر به تڪبُّر هوندو اهو جنّت ۾ نه ويندو هڪ شخص عرض ڪيو، (جيڪڏهن) هڪ شخص (اهو) پسند ڪري ته ان جو لباس سٺو هجي ۽ ان جا جوتا سٺا هجن. پاڻ سڳورن صلی الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جن ارشاد فرمايو: ((ان الله جميل يحب الجمال ، الكبر بطر الحق و غمط الناس))

يعني :" الله تعاليٰ جميل آهي (۽) جمال (يعني خوبصورتيءَ) کي پسند فرمائيندو آهي، تڪبُّر حق جو انڪار ڪرڻ ۽ ماڻهن کي حقير سمجهڻ آهي."

("صحيح مسلم"، كتاب الايمان ، باب تحريم الكبرو بيانہ، ص 61،60، رقم الحديث :147)

٣ خيانت جي تعريف : "الخيانة هو التصرف في الامانة علي خلاف الشرع."

يعني:"شرعي اجازت کان سواءِ ڪنهن جي امانت ۾ تصرف ڪرڻ (يعنياستعمال ڪرڻ) خيانت ڪرڻ آهي." ("عمدة القاري"كتاب الايمان، باب علامات المنافق، ج 1 ص 328)

٤ كذب جي تعريف : "الكذب : عدم مطابقة الخبر للواقع."

يعني:"چوڻ واري جي ڳالهہ جو ظاهر جي خلاف هجڻ ڪوڙ آهي."

("التعريفات" للجرجاني، ص 129)

٥ ظلم جي تعريف : "وضع الشيء في غير موضعه وفي الشريعة:عبارة عن التعدي عن الحق الي الباطل، وهو الجور."

يعني :"ڪنهن شيءِ کي ان جي جاءِ تي نه رکڻ ظلم آهي ۽ شريعت ۾ ظلم مان مراد اها آهي ته ڪنهن جو حق مارڻ يا ان سان زيادتي ڪرڻ."

("التعريفات"للجرجاني، ص 102 ، 103)

٦ فحش جي تعريف : "هوما ينفر عنه الطبع السليم ويستنقصه العقل المستقيم." =

www.dawateislami.net

حسد¹ ڪينو² وغيرها برُاين کان آگاھ ڪرايو.
﴿48﴾ پڙھائڻ ۽ سيکارڻ ۾ شفقت ۽ نرمي رکي.
﴿49﴾ (مناسب) موقعي تي چشم نمائي ڪري (يعني اک ڏيکاري)، تنبيھ ۽ تھديد ڪري (يعني سمجھائي ۽ نصيحت ڪري) پر پٽ پاراتو (يعني بددعا) نہ ڏئي ڇوتہ ھن جي پٽ انھن جي لاءِ سُڌرڻ جو سبب نہ ٿيندو بلڪ ويتر افساد (يعني بگڙجڻ) جو انديشو آھي.
﴿50﴾ جيڪڏھن مار ڏئي تہ منھن تي نہ ھڻي.
﴿51﴾ گھڻو ڪري تھديد ۽ تخويف (يعني ڊيڄارڻ ۽ دڙڪا ڏيڻ) تي قانع رھي (يعني ان کي ڪافي سمجھي) ۽ لٺ انھن جي نظرن جي سامھون رکي تہ جيئن دل ۾ رعب (خوف) رھي.
﴿52﴾ تعليم (حاصل ڪرڻ) جي دؤر ۾ ھڪ وقت ڪيڏڻ جو

www.dawateislami.net

= يعني:"فحش اھي بيھوده ڳالھيون ۽ برا ڪم آھن جن سان طبيعت سليم نفرت ڪري ۽ صحيح عقل ان کي خامي قرار ڏئي." ("التعريفات"للجرجاني ص 117)
غيبت جي تعريف : "غيبت جي معنيٰ اھا آھي تہ ڪنھن شخص جي لڪل عيب کي (جنھن کي ھو ٻين جي سامھون ظاھر ٿيڻ پسند نہ ڪندو ھجي) ان جي برائي ڪرڻ جي نيت سان ذڪر ڪرڻ." ("بھارِ شريعت"، ج 3 حصو 16 ، ص 149)
¹ حسد جي تعريف : "تمني زوال نعمة المحسود الي الحاسد"
يعني:"ڪنھن شخص جي نعمت کي ڏسي اھا تمنا ڪرڻ تہ اھا نعمت ھن کان کسجي مون کي ملي وڃي." ("التعريفات"للجرجاني ، ص 62)
² ڪيني جي تعريف : "دل ۾ دشمني روڪي رکڻ ۽ موقعو ملندي ئي ان جو اظھار ڪرڻ "ڪينو" آھي."، ڪما في "لسان العرب":"امساڪ العداوة في القلب والتربص لفرصتھا." ("لسان العرب"، ج 1 ص 888)
"الحقد: ان يلزم قلبه استقاله، والبغضة والنفار عنه ، و ان يدوم ذلك ويبقي."
يعني:"ڪينو ھي آھي تہ انسان پنھنجي دل ۾ ڪنھن کي بار سمجھي، دشمني ۽ بغض رکي، نفرت ڪري ۽ اھا ڳالھ ھميشہ ھميشہ باقي رھي."
("احياءُ العلوم"، ڪتاب ذم الغضب والحقد والحسد، ج 3 ص 223)

بہ ڏئي تہ جيئن طبيعت ۾ نشاط (يعني چُستي) باقي رهي.

﴿53﴾ پر زنهار.........! زنهار............! (يعني هرگز هرگز) بري صحبت ۾ ويهڻ نہ ڏئي ڇوتہ يارِ بد (يعني بُري صحبت) مارِ بد (يعني زهريلي نانگ) کان بہ بدتر (يعني وڌيڪ خراب) آهي.

﴿54﴾ هرگز هرگز ”بهارِ دانش“ ، ”مينا بازار“ ، ”مثنوي غنيمت“ وغيرها عشقيہ ڪتاب ۽ فسقيہ غزل ڏسڻ نہ ڏئي(يعني مجازي عشق تي مشتمل ڪتابن ۽ فسق ۽ فجور (گناهن) سان ڀرپور غزل پڙهڻ نہ ڏئي) ڇوتہ نرم ڪاٺيءَ کي جيڏانهن جهڪايو وڃي اوڏانهن جهڪي ويندي آهي. صحيح حديث مان ثابت آهي تہ ڇوڪرين کي سورت يوسف شريف جو ترجمو نہ پڙهايو وڃي ڇوتہ هن ۾ مڪر زَنان (يعني عورتن جي مڪر) جو ذڪر فرمايو آهي پوءِ ٻارن کي شاعرانہ خُرافات (وڌاءُ سان ڀرپور بيهوده ڳالهين) ۾ وجهڻ ڪيئن ٿو صحيح ٿي سگهي؟

www.dawateislami.net

﴿55﴾ جڏهن ڏهن سالن جو ٿئي تہ ماري بہ نماز پڙهائي.

﴿56﴾ هن عمر کان پاڻ سان يا ڪنهن سان بہ نہ سمهاري، الڳ بستري ۽ الڳ کٽ تي پاڻ وٽ (يعني پنهنجي گهر ۾) رکي.

﴿57﴾ جڏهن (اولاد) جوان ٿئي (تہ انهن جي) شادي ڪرائي، شادي ۾ اها ئي قوم ، دين ، سيرت ۽ صورت جي رعايت جو لحاظ رکي.[1]

﴿58﴾ هينئر کان جيڪڏهن ڪو اهڙو ڪم ڇوٽو هجي جنهن ۾ نافرماني جو احتمال (يعني انديشو) هجي تہ ان کي

---

[1] جيئن حق نمبر 1 کان 3 ۾ بيان ٿيو.

امر (يعني حڪم) جي صيغي (يعني لفظ) سان نہ چوي، بلڪ نرمي سان ۽ مشوري جي طور تي چوي تہ جيئن هو بلاءِ عُقوق (يعني نافرمانيءَ جي مصيبت) ۾ نہ پوي.

﴿59﴾ ان کي ميراث کان محروم نہ ڪري جيئن ڪي ماڻهو پنهنجي ڪنهن وارث کي (ميراث) نہ پهچڻ جي غرض (نيت) سان سڄي جائيداد ٻئي وارث يا ڪنهن غير (يعني پرائي ماڻهوءَ) جي نالي ڪري ڇڏيندا آهن.

﴿60﴾ پنهنجي مرڻ کان پوءِ بہ انهن جو فڪر رکي يعني (زندگي ۾) گهٽ ۾ گهٽ بہ پاڱي ٽي ترڪو[1] ڇڏي وڃي. ثُلث (يعني ٽئين حصي 1/3) کان وڌيڪ خيرات نہ ڪري اهي سٺ حق پٽ ۽ ڌيءُ ٻنهي جي لاءِ آهن بلڪ آخري ٻن حقن (حق نمبر 59 ۽ 60) ۾ تہ سڀ وارث شريڪ آهن.

www.dawateislami.net

۽ خاص پُٽ جي حقن مان هي بہ آهي تہ:

﴿61﴾ ان کي لکڻ

﴿62﴾ ترڻ

﴿63﴾ سپاهہ گري ( يعني جنگي تربيت) سيکاري.

﴿64﴾"سورهءِ مائده"جي تعليم ڏئي.

﴿65﴾ اعلان سان ان جي طهر ڪرائي.

۽ خاص ڌيءُ جي حقن منجهان هي بہ آهي تہ :

﴿66﴾ ان جي پيدا ٿيڻ تي ناخوشيءَ (جو اظهار) نہ ڪري بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت سمجهي.

﴿67﴾ ان کي سلائي، پرت ۽ رڌ پچاءُ سيکاري.

---

[1] يعني اها ميراث جيڪا انسان مرڻ کانپوءِ ڇڏي وڃي.

﴿68﴾ سورهٔ نور جي تعليم ڏئي.

﴿69﴾ لکڻ هرگز نہ سيکاري ڇوتہ فتني (يعني فساد) جو احتمال (يعني انديشو) آهي. [1]

﴿70﴾ پُٽن کان وڌيڪ دلداري ۽ محبت رکي ڇوتہ انهن جي دل نندي (يعني نازڪ) هوندي آهي.

﴿71﴾ (ڪابہ شيءِ) ڏيڻ ۾ انهن کي ۽ پٽن کي ساهمي جي تور برابر رکي. (يعني ڀنهي کي ڏيڻ مهل مکمل عدل ۽ انصاف ڪري)

﴿72﴾ جيڪا شيءِ ڏيڻ چاهي پهريان هنن کي ڏئي پوءِ پٽن کي ڏئي.

﴿73﴾ نوَن سالن جي عمر کان (ڇوڪرين کي) پاڻ سان گڏ نہ سمهاري ۽ نہ ئي پاءُ وغيره سان گڏ سمهڻ ڏئي.

www.dawateislami.net

﴿74،75،76﴾ هن عمر کان خاص خيال رکڻ شروع ڪري، وهانءُ ۾ جتي ناچ گانو هجي اتي هرگز نہ وڃڻ ڏئي توڙي جو پنهنجي سڳي پاءُ وٽ ئي ڇو نہ هجي ڇوتہ گانو گهٽو جادو (جيان اثر رکندڙ) آهي ۽ هنن نازڪ شيشين کي ٿورو ڌڪ بہ گهڻو آهي بلڪ هنگامن ۾ وڃڻ جي مطلق بندش ڪري (يعني فنڪشن ۾ وڃڻ کان بلڪل روڪي ڇڏي) گهر ۾

---

[1] هن مسئلي جي وضاحت مفتي آلِ مصطفيٰ مصباحي صاحب مدظله العالي "فتاويٰ امجديہ" جي حاشيي ۾ فرمائي آهي جتي تفصيلي ڪلام ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ: الحاصل (حاصل ڪلام) : جيڪڏهن معاشرتي يا خانداني يا شخصي حالتن جي پيش نظر عورتن کي لکڻ سيکارڻ ۾ مطلقًا فتني جو احتمال (يعني انديشو) نہ هجي کما في القرون الاولي (جيئن اڳئين زمانن ۾ هو) تہ جائز هوندو ۽ جيڪڏهن احتمال هجي تہ احتمال جي مطابق ڪراهيت جو حڪم هوندو کما في زماننا (جهڙي طرح اسان جي زماني ۾ آهي)." ("فتاويٰ امجديہ"، ج 4 ، ص 259)

هنن کي زِندان (يعني قيدخاني) وانگر کري بالاخانن (يعني ڇتن) تي رهڻ نہ ڏئي.

﴿77﴾ گهر ۾ لباس ۽ زيورن سان سينگاري تہ جيئن (نڪاح جا) پيغام رغبت (شوق) سان اچن.

﴿78﴾ جڏهن ڪفُو ملي تہ نڪاح ۾ دير نہ ڪري.[1]

﴿79﴾ ٿي سگهي تہ ٻارهن سالن جي عمر ۾ پرڻائي ڇڏي.

﴿80﴾ خبردار....! خبردار....! ڪنهن فاسق فاجر (يعني گنهگار) خاص طور تي ڪنهن بدمذهب جي نڪاح ۾ نہ ڏئي.

اهي اسي(80) حق آهن جيڪي هن وقت جي نظر ۾ مرفوع حديثن جي ذريعي ذهن ۾ آيا، انهن مان اڪثر تہ مستحب آهن جن جي ڇڏڻ تي اصلاً (ڪڏهن بہ) ڪو مُواخذو (يعني پڪڙ) نہ آهي ۽ ڪن جي ڇڏڻ تي آخرت ۾ مطالبو (يعني پڇا ڳاڇا) ٿيندو پر دنيا ۾ پٽ جي لاءِ پيءُ تي ڪا پڪڙ ۽ جبر (زبردستي) نہ آهي نہ ئي پٽ جي لاءِ اهو جائز آهي جو پيءُ سان جِدال ۽ نزاع (يعني جهيڙو جهٽو) ڪري، سواءِ ڪجهہ حقن جي جو انهن ۾ حاڪم (حڪومت ڪرڻ واري) کي جَبر ۽ ڪارروائي ۽ اعتراض ڪرڻ جو حق حاصل آهي. (ڪجهہ حقن ۾ حاڪم کي اهو حق حاصل آهي تہ پُٽ کي حق ڏيڻ ڏيارڻ جي لاءِ

www.dawateislami.net

---

[1] ڪفو واري مسئلي جو تفصيل بيان ڪندي صدر الشريعہ بدر الطريقہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللهِ تعالىٰ عَلَيْه "بهارِ شريعت" ۾ فرمائن ٿا تہ ڪفو جي معنيٰ آهي تہ مرد عورت کان نسب (ذات پات) ۾ ايڏو گهٽ نہ هجي جو ان سان نڪاح عورت جي ولي (مائٽن) جي لاءِ عار (شرم) جو سبب هجي ڪفاءت (ڪفوهجڻ) رُڳو مرد جي طرفان معتبر آهي عورت جيتوڻيڪ گهٽ درجي جي هجي ان جو ڪو اعتبار نہ آهي. وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا :"ڪفاءت ۾ ڇهن شين جو اعتبار آهي.
(1) نسب (يعني ذات پات) (2) اسلام (3) حرفہ (يعني ڌنڌو) (4) حُريت (آزاد هجڻ) (5) ديانت (يعني ديندار هجڻ) (6) مال. ("بهارِ شريعت"،جلد دوم، حصہ 7، ڪفو ڪا بيان، ص 46)

پيءُ کي مجبور ڪري، ۽ اهڙي پُٽ کي پيءُ جي خلاف دعويٰ داخل ڪرڻ ۽ اعتراض ڪرڻ جو حق حاصل آهي جيڪي هينيان آهن)

**ٻھريون** : نفقو (خرچ پکو) جيڪو پيءُ تي واجب هجي ۽ اهو نہ ڏئي تہ حاڪم ان تي زبردستي مقرر ڪندو، نہ مڃي تہ ڪيس قيد ڪيو ويندو حالانڪہ فُروع (يعني اولاد) جي ڪنهن ٻئي ڏَين (يعني قرض) ۾ اُصول (ماءُ پيءُ) کي قيد نہ ٿو ڪري سگهجي.

**في"ردالمحتار"عن "الذخيرة"**: (**لايحبس والد وان علا في دين ولده وان سفل الا في النفقه ،لان فيه اتلاف الصغير**)

("ردالمحتار"،كتاب الطلاق، باب النفقة، ج 5 ص 346)

**ترجمو:** "فتاويٰ شامي" ۾ "ذخيره" جي حوالي سان نقل ڪيو آهي، پيءُ کي پنهنجي پٽ جي قرض جي سلسلي ۾ قيد نہ ٿو ڪري سگهجي چاهي نسب جو سلسلو پيءُ جي لحاظ کان مٿي تائين ۽ پٽ جي لحاظ کان هيٺ تائين هليو وڃي، البتہ خرچ پکو نہ ڏيڻ جي صورت ۾ پيءُ کي قيد ڪيو ويندو ڇوتہ هن ۾ ننڍي جي حق تلفي آهي.

www.dawateislami.net

**ٻيو**: رِضاعت (يعني کير پيارڻ) : جو ماءُ کي کير نہ هجي تہ دائي رکڻ،بنا پگهار جي نہ ملي تہ پگهار ڏيڻ واجب آهي نہ ڏيندو تہ زبردستي ورتي ويندي جڏهن تہ ٻار جو پنهنجو مال نہ هجي، اهڙي طرح جيڪڏهن ماءُ طلاق ۽ عدت گذرڻ کان پوءِ بنا پگهار جي کير نہ پياري تہ ان کي بہ پگهار ڏني ويندي. **كما في"الفتح"و"ردالمحتار"وغيرهما** (جيئن تہ "فتح القدير" ۽ "رد المحتار"وغيره ۾ آهي)

("ردالمحتار"، كتاب الطلاق، باب الحضانة،ج 5 ص 268)

**ٽيون**: حَضانت (يعني پرورش) : جو ڇوڪرو ست سال ۽ ڇوڪريءَ نوَن سالن جي عمر تائين جن عورتن مثال طور

ماءُ، ناني، ڏاڏي، ماسي، ڀيڻ ۽ ڀقيءَ وٽ رکيا ويندا جيڪڏهن انهن مان ڪو بنا پگهار جي نہ مڃي ۽ ٻار فقير هجي ۽ پيءُ غني (يعني مالدار) هجي تہ (ان کان) زبردستي پگهار ڏياري ويندي. **كما اوضحه في "ردالمحتار"**. (جيئن تہ "رد المحتار" ۾ هن جي وضاحت ڪئي وئي آهي.)

("ردالمحتار"،كتاب الطلاق، باب الحضانة، ج 5 ، ص 266)

**چوٿون** : پرورش وارو عرصو (ڇوڪري جي لاءِ ست ۽ ڇوڪريءَ جي لاءِ نو سال) پورو ٿيڻ کان پوءِ ٻار کي پنهنجي **حفاظت** ۽ نگهداشت ۾ رکڻ پيءُ تي واجب آهي، جيڪڏهن نہ رکندو تہ حاڪم زبردستي ڪندو. **كما في رد المحتار عن شرح مجمع** (جيئن تہ "شرح المجمع" مان "رد المحتار" ۾ نقل ڪيو ويو آهي) ("ردالمحتار"كتاب الطلاق، باب النفقة، ج 5، ص 346)

www.dawateislami.net

**پنجون** : انهن جي لاءِ ترڪو ڇڏڻ، جو تہ مرض الموت جي حالت ۾ وارثن جو حق مورث جي ترڪي سان متعلق ٿي ويندو آهي. ايتري تائين جو ثُلث کان وڌيڪ ۾ وارثن جي اجازت کان سواءِ ان جي وصيت نافذ نہ آهي[1]

**ڇهون** : پنهنجي بالغ ٻارن پٽ هجن يا ڌيئرون، انهن کي غير ڪفو سان پرڻائڻ يا مَهرِ مِثل[2] ۾ غَبنِ فاحش سان (يعني

---

[1] مرض الموت (يعني جنهن بيماري ۾ انتقال ٿيو ان) جي حالت ۾ وارثن جي حق جو تعلق مورث (جنهن جي ميراث تقسيم ٿئي) جي ترڪي سان ٿي ويندو آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن مورث پنهنجي مال منجهان ٽئين حصي کان وڌيڪ وصيت ڪري تہ وارثن جي اجازت کان سواءِ ٽئين حصي کان وڌيڪ (مال) ۾ ان جي وصيت جاري نہ ٿيندي. (يعني ان تي عمل نہ ڪيو ويندو)

[2] عورت جي خاندان جي ان جهڙي عورت جو جيڪو مهر هجي اهو مهر مثل آهي مثال طور : ان جي ڀيڻ، ڀقي، سوٽ وغيرها جو مهر. ان جي ماءُ جو مهر ان جي =

تمام وڏيڪ گھٽتائي يا گھٽائي سان نڪاح ڪرڻ) مثال طور ڏيءُ جو مهر مثل هڪ هزار آهي ۽ هن پنج سؤ تي نڪاح ڪري ڇڏيو يا نُنهن جو مهر مثل هڪ سؤ آهي هن هڪ هزار مقرر ڪري ڇڏيو يا پٽ جو نڪاح ڪنهن ٻانهيءَ سان ڪيائين يا ڌيءُ جو نڪاح ڪنهن اهڙي شخص سان ڪيائين جيڪو مذهب، ذات پات، ڌنڌي، مال، ۽ افعال ۾ نقص (يعني عيب) رکندڙ هجي، جنهن جي ڪري ان سان نڪاح عار (يعني شرم) جو سبب هجي ته هڪ ڀيرو پيءُ جو ڪيل اهڙو نڪاح نافذ ٿي ويندو آهي جڏهن ته نشي ۾ نه هجي پر ٻيهر پنهنجي

= لاءِ مهر مثل نه آهي جڏهن ته هو ٻئي گهراڻي جي هجي ۽ جيڪڏهن ان جي ماءُ ان جي خاندان جي هجي مثال طور ان جي پيءُ جي سؤٽ هجي ته ان صورت ۾ ان جو مهر ان جي لاءِ مهر مثل آهي ۽ اها عورت جنهنجو مهر ان جي لاءِ مهر مثل آهي اها کهڙين ڳالهين ۾ ان جهڙي هجي جنهن جو تفصيل هي آهي.
(1) عمر (2) خوبصورتي (3) مال ۾ هڪجهڙائي هجي (4) ٻئي ساڳي ئي شهر ۾ هجن (5) (ٻنهي جو) زمانو هڪ هجي (6) عقل (7)سمجهه (8)ايمانداري (9) پاڪدامني (10) علم (11) ۽ ادب ۾ برابر هجي (12) ٻئي ڪنواريون هجن يا ثيب (پرڻيل عورت جيڪا طلاق يافته يا بيوه هجي) (13) اولاد هجڻ يا نه هجڻ ۾ هڪجهڙيون هجن ڇوته انهن شين جي مختلف ٿيڻ سان مهر به مختلف ٿيندو آهي. مڙس جي حال جو به لحاظ رکيو ويندو آهي مثال طور نوجوان ۽ پوڙهي جا مهر مختلف هوندا آهن . عقد (يعني نڪاح) جي وقت انهن ڳالهين ۾ برابر هجڻ جو اعتبار آهي. بعد ۾ ڪنهن قسم جي گهٽ وڌ ٿي ته ان جو ڪو اعتبار نه آهي مثال طور هڪڙيءَ جو جڏهن نڪاح ٿيو هو ان وقت جنهن حيثيت جي هئي ٻي به پنهنجي نڪاح جي وقت ان حيثيت جي هئي پر پهرين ۾ بعد ۾ گهٽتائي اچي وئي ۽ ٻيءَ ۾ واڌارو اچي ويو يا ان جي ابتڙ ٿيو ته ان جو ڪو اعتبار ناهي. ("الدرالمحتار"، ڪتاب النڪاح، باب المهر، ج 4 ص 273، 276)
جيڪڏهن ان خاندان ۾ ڪا اهڙي عورت نه هجي جنهن جو مهر ان جي لاءِ مهر مثل ٿي سگهي ته ڪو ٻيو خاندان جيڪو ان جي خاندان جهڙو هجي ان ۾ ڪا عورت هن جهڙي هجي ته ان جو مهر هن جي لاءِ مهر مثل ٿيندو. (عالمگيري)
("الفتاويٰ الهندية"، ڪتاب النڪاح، الباب السابع، ج 1 ص 306)
("بهارِ شريعت"، جلد دوم، حصه 7 ، ص 62،63)

www.dawateislami.net

ڪنهن نابالغ ٻار جو اهڙو نڪاح ڪري ته اصلاً (يعني ڪڏهن به) صحيح نه ٿيندو **ڪما قدمنا في النڪاح** (جيئن ته اسان نڪاح جي بحث ۾ هن کي اڳ ۾ بيان ڪري چڪيو آهي)

**(”الفتاويٰ الرضوية“، ڪتاب النڪاح ، باب الولي، ج 11 ص 579)**

**سنون** : ظُهر ۾ به هڪ صورت زبردستي جي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شهر جا ماڻهو ڇڏي ڏين ته سلطانِ اسلام انهن کي مجبور ڪندو نه مڃين ته انهن تي جهاد فرمائيندو ، **ڪما في ”الدر المختار“** (يعني جيئن ته ”در مختار“ ۾ آهي)

**(”الدر المختار“، ڪتاب الخنثي، مسائل شتي، ج 10 ص 515)**

والله تعاليٰ اعلم

رسالو: ”مشعلة الارشاد“ ختم ٿيو

www.dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

**شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي به ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿مآخذ ومراجع﴾



| نمبر شمار | کتاب | مصنف/مؤلف | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| 1 | کنز الایمان | اعلیحضرت امام احمد رضا خان (ت ۱۳۴۰ ھ) | پاک کمپنی، اردو بازار لاھور |
| 2 | احیاء علوم الدین | حجۃ الاسلام امام محمد الغزالی (ت۵۰۵ ھ) | دار صادر، بیروت |
| 3 | التعریفات | سید شریف الجرجانی (ت ۸۱۶ ھ) | دار المنار للطباعۃ والنشر |
| 4 | الدرّ المختار | علامہ علاء الدین الحصکفي (ت۱۰۸۸ھ) | دار المعرفۃ، بیروت |
| 5 | بہارِ شریعت | صدر الشریعہ امجد علی اعظمی (ت۱۳۶۷ھ) | مکتبہ رضویہ، کراچی |
| 7 | ردّ المحتار | علامہ ابن عابدین الشامی (ت ۱۲۵۲ ھ) | دار المعرفۃ، بیروت |
| 8 | نزھۃ النظر شرح نخبۃ الفکر | حافظ ابن حجر عسقلانی (ت ۸۵۲ ھ) | فاروقی کتب خانہ، ملتان |
| 9 | شرح صحیح مسلم | امام یحیی بن شرف النووی (ت ۶۷۶ ھ) | دار الحدیث، ملتان |
| 10 | صحیح البخاری | امام محمد بن إسماعیل (ت۲۵۶ ھ) | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| 11 | صحیح مسلم | امام مسلم بن حجاج القشیری (ت ۲۶۱ ھ) | دار ابن حزم، بیروت |
| 12 | عمدۃ القاری | علامہ محمد بن احمد العینی (ت۸۵۵ ھ) | بنگلہ اسلامک اکیڈمی |
| 13 | فتاوی امجدیہ | صدر الشریعہ امجد علی اعظمی(ت۱۳۶۷ھ) | مکتبہ رضویہ، کراچی |
| 14 | فتاوی قاضی خان | حسن بن منصور قاضي خان (ت ۵۹۲ ھ) | مکتبہ حقانیہ،پشاور |
| 15 | فتاوی رضویہ | امام اھلسنت احمد رضا خان (ت۱۳۴۰ھ) | رضا فاؤنڈیشن، لاھور |
| 16 | فتاوی ھندیہ | ملا نظام الدین اور دیگر علمائے کرام رحمہم اللہ | مکتبہ رشیدیہ ،کوئٹہ |
| 17 | فتح الباری | حافظ ابن حجر عسقلانی (ت ۸۵۲ ھ) | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| 18 | فرھنگ آصفیہ | مولوی سید احمد دھلوی (ت ---) | سنگ میل پبلیکیشنز ، لاھور |
| 19 | کنز العمال | علاء الدین علی الھندی (ت۹۷۵ ھ ) | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| 20 | لسان العرب | علامہ محمد بن مکرم الافریقی (ت۷۱۱ ھ) | مؤسسۃ الاعلیمی للمطبوعات، بیروت |
| 21 | مرآۃ المناجیح | مفتی احمد یار خان نعیمی (ت ۱۳۹۱ ھ) | ضیاء القرآن پبلیکیشنز، لاھور |
| 22 | مسند الفردوس | شیرویہ بن شھردار الدیلمی (ت ۵۰۹ ھ) | دار الفکر، بیروت |
| 23 | منھاج العابدین | حجۃ الاسلام امام محمد الغزالی (ت۵۰۵ ھ) | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| 24 | مفردات الفاظ القرآن | علامہ راغب اصفھانی (ت ۴۲۵ ھ) | دار القلم، دمشق |
| 25 | وقار الفتاوی | مفتی وقار الدین قادری (ت۱۴۱۳ ھ ) | بزم وقار الدین، کراچی |



www.dawateislami.net